# حامله عورتن ۽ نون ڄاول ٻارن جي صحت لاءِ نظرداري ۽ بيمار ٻار جي رت جو نمونو وٺڻ جي بابت اجازت نامو

تحقيق جو عنوان:- ڏکڻ ايشيا جي ٻارن ۾ sepsis جا اسباب ( انيسا )

مطالعو ڪندڙ :- پروفيسر ذوالفقار علي ڀٽا

فون نمبر :- 021-34864782

حامله عورت جو نالو

تحقيق جو سڃاڻپ نمبر

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | |

هي پروجيڪٽ انيسا تحقيق جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هن تحقيق ۾ گهڻائي ادارا شامل آهن جهڙوڪ ، چائلڊ هيلٿ ريسرچ فائونڊيشن بنگلاديش ، ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن، جاهن هاپڪنس يونورسٽي ان يونائيٽيڊ اسٽيٽس آڪسفورڊ يونيورسٽي ان يونائيٽيڊ ڪنگڊم، يونيورسٽي آف ٽورانٽو ان ڪئنيڊا ، انٽرنيشنل سينٽر فار ڊاهريل ڊزيز ريسرچ بنگلاديش، آغاخان يونورسٽي ان پاڪستان ۽ انڪلين ٽرسٽ انٽرنيشنل ان انڊيا.

## تحقيق ڇا لاءِ ٿي رهي آهي؟

پاڪستان اندر نون ڄاول ٻارن ۾ انفيڪشن بيمار ٿيڻ ۽ موت جو عام سبب آهن ان ڏس ۾ اسان هڪ تحقيق ڪري رهياآهيون ته. جيئين اسان هن علائقي جي نون ڄاول ٻارن اندر شديد انفيڪشن جا سبب ۽ خطرات بابت سکي سگهون ۽ هن تحقيق مان جيڪا معلومات حاصل ڪئي ويندي، ٿي سگهي ٿو ته هي تحقيق اسان کي ڪو اهڙو رستو ڏيکاري جنهن سان بچاءُ ۽ نئين ڄاول ٻار جو علاج بهتر طريقي سان ڪري سگهجي هنن ڪوشش وسيلي ٿي سگهي ٿو ته مستقبل ۾ نون ڄاول ٻارن جون زندگيون بچائي سگهجن.

## توهان کي ڇا لاءِ شامل ٿيڻ لاءِ چيو پيو وڃي؟

سيئي شادي شده عورتون جن جي عمر 13 کان 49 سالن جي وچ۾آهن اُهي هن انيسا تحقيق ۾ شموليت لاءِ اهل آهن.

## توهان کي ڇا ڪرڻ لاءِ چيو ويندو؟

جيڪڏهن توهان کي تحقيق ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چونڊيو ويندو ته تحقيق ۾ شامل ورڪر توهان جي گهر باقائدي دورا ڪندي ۽ جيڪڏهن توهان حمل سان آهيو ته ان کي ڳوليندي.

جيڪڏهن توهان هاڻ يا تحقيق دوران حمل سان ٿيو ٿا ته تحقيق ۾شامل ورڪر توهان جي گهر جا 12 دورا ڪندي ۽ توهان سان توهان جي ٻار جي ۽ ٻار جي صحت متعلق ڳالهائيندي ، هي 12 دورا تڏهن شروع ٿيندا جڏهن پهريون پيرو خبر پوندي ته توهان حمل سان ٿيا آهيوءِ اهي دورا توهان جي ٻار جي ڄمڻ جي 2 مهينن تائين جاري رهندا.

Matiari Research & Training Centre